# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1992
# SINDH ORDINANCE NO. I OF 1992
# سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي (ترميم) آرڊيننس، 1992
# THE SINDH ENTERTAINMENTS DUTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد

(Sections) دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of W.P Act X of 1958

3. 1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of section 11 of W.P Act X of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1992

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 1992

# سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي (ترميم) آرڊيننس، 1992

# THE SINDH ENTERTAINMENTS DUTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

[17 فيبروري 1992]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نہ هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

تنهنڪري هاڻي، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي گورنر سنڌ هيٺ ڄاڻايل آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي (ترميم) ايڪٽ، 1992 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2) هيءَ فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| 1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of W.P Act X of 1958 | 2. سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾، بيان ڪيل ايڪٽ جي دفعہ 3 ۾ ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "سيونٽي فائيو" بدران لفظ "ففٽي فائيو" متبادل سمجهيا ويندا. |
| 1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 11 جي ترميم<br>Amendment of section 11 of W.P Act X of 1958 | 3. بيان ڪيل ايڪٽ جي دفعہ 11، ۾ ذيلي دفعہ (2) جي شق (1) ۾ ، لفظن "فارن ڪنٽري" ڪانپوءِ لفظن يا سينيما جا اونرز ۽ فلم ايگزيبيٽرز جو واڌارو ڪيو ويندو. |
| | نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. |